# حسابي ڪلن (ڪمپيوُٽرن) جو آئيندي

August 31, 2007 at 1:09 pm | In Uncategorized | | Edit this post



ڪي ڏينهن ٿيا مان پنهنجي يونيورسٽيءَ (اِلانائي جي يونيورسٽي اربانا شيمپينَ) ۾ ايندڙ نوَن وديارٿين کي حسابي ڪَلن (ڪمپيوٽرن) جي آئِيندي تي وياکياڻ ڏني. توڙي اها وياکياڻ انهن لاءِ هئي جيڪي حسابِي ڪَلَ گياني ۾ پِي ايڇ ڊِي جي سنَدَ لاءِ ڦولا ڪرڻَ اِتي آيا آهن، انهي وياکياڻ جا پهريان اٽڪل ڏهہ منٽ هر ڪو گهٽي ويتر سمجهي سگهندو. (پاسي فوٽوُن يونيِورسٽيءَ جي حسابي ڪلَ گِياني ڪاتي جي عمارت جو آهي).

حسابي ڪلَ جي جوڙڪ ۾ نئون انقلاب اچڻ وارو آهي جنهن سان هڪ حسابي ڪلَ ۾ گهڻيون حسابي هليٽون هونديون جيڪي ڳڏو ڳڏ ڪمُ ڪنديون رهنديون. پوين سٺ ورهين ۾ عام حسابي ڪَلن ۾ رڳو هڪَ هلائڻي ("پَراسيسرُ") هوُندي هئي. هينئر عام حسابي ڪَلن ۾ ٻہ چار هلائڻيُوُن وجهندا آهن جِنِ تي وڏيڪ حسابي ڏاڍا ساڳي وقت هلي سگهن. ايندڙ وقت ۾ انهن هلائِڻيُنِ جي ڳڻپ هر ڏيڍ ٻين ورهين ٻيڻِ ٿيندي ويندي، تنهن ڪري وڏيڪ حسابي ڏاڍا هلائي سگهبا جنهن سان ڪلي دماغَ اجا تِڪا ٿيندا.

ساڳي وقتَ ٻيا بہ ڦير اچن پيا. هڪُ تہ حسابي ڪلَ جنهن ڳنڍَ ڄار (اِنٽرنيٽ) سان لڳاپيل آهن تنهن جي وَهڪ ۾ حسابي ڪلن جي رفتارَ ڪان پڻ وڌا واڌارا ٿيا آهن. ٻيو تہ هاڻي سهانگا پسڻَ ڪلَ ايجاد ڪيا پيا وڃن، جن سان رفتاري ڦير، دٻاءُ، تپشِ ماپ، روشني، وغيرا ماپي سگهجن ٿا. اهڙا پسڻ ڪلَ، حسابي ڪلن سان جڙيل هوُندا. انهيءَ قابليتَ ڪري پسڻ ڪلَ مادي شين (اوزارن، ڪلن، جاين، پُلن، وغيرا) سان جوڙيِ تِن شين لاءِ پنهنجي پاسي ماحول پسڻ ممڪن ٿيندو. انهيءَ سان حالتون پرکي، حسابَ هڻيِ، شيون سلامتي يا سُک لاءِ اُپاوَ پاڻ مرادو ڪٽي سگهنديون يا وري ماڻهن کي آگاه ڪري سگهنديون. مثال تہ جي پُل ۾ ڪا ڪمزوري هجي تہ مرمت ڪرائڻ لاءِ انجنرن کي پُلُ پاڻ اِطلا پڄائي سگهي.

منهنجي وياکياڻ کي هيٺين ويبَ ڪڙيءَ تي ڏسي ۽ ٻڌي سگهو ٿا. اِها انگريزيءَ ۾ آهي.

http://media.cs.uiuc.edu/DCS/2007-08/Agha_colloquium.asx